ڈاڪٽر امير علي شاھ

حمل فقير جي شاعريءَ ۾ جماليات

Abstract:

Aestheticism in Hamal Faqeer's Poetry

Hamal Faqeer (1815-1878) was one of the renowned aboriginal Sindhi poets; famous for an exclusive presentation of his poetic thoughts and lyrical lines. This paper studies selection from Hamal's poetry and presents critically the thematic analyses of his aesthetic poetry by means of qualitative methodology based on a secondary approach. The study finds that Hamal remained a serious-natured person. Hence he longed for aesthetic beauty around him. His poetry became more influential through the use of beautiful objects of nature. For instance colorful blossoms, petite herbs, thick shadowy trees, and tweeting birds; all are sources of aesthetics. Hamal feels this aesthetic pleasure in pains and pangs, and even in the memories of his beloved. For him, one should desire a unique observance of beauty as a ritual phenomenon. The broken heart, the farewell of lovers, and the miseries the lovers have to bear after separation are Hamal's key ideas.

سونهن، حسن ۽ جماليات بابت ڪيترائي عالم، ڏاها ۽ دانشور پنهنجا خيالات پيش ڪري چڪا آهن. "جماليات جي لاءِ انگريزيءَ ۾ لفظ Aestheticism استعمال ڪيو ويندو آهي، جنهن مان حسن ۽ سونهن ظاهر آهي. حسن جي فلسفي لاءِ هي اصطلاح سڀ کان پهرين اليگزينڊر بام گارٽن هڪ جرمن فلسفي ۱۷۳۵ع ڌاري استعمال ڪيو ۽ جماليات کي فلسفي جي هڪ شاخ قرار ڏنو."(۱) سونهن ڪائنات جو عظيم مظهر رهي آهي، جنهن ۾ جهان جي تمام خوبصورتي سمايل آهي. ڪن عالمن ۽ ڏاهن جي نظر ۾ حسن حقيقت آهي ته ڪن جي نظر ۾ وري حسن خير، نيڪي، سچائي ۽ پلائي آهي. ڪن ڏاهن ته وري جماليات (سونهن) کي موضوعيت ۽ معروضيت جو

حسين ميلاپ سمجهيو آهي. جماليات جي پرچارڪن انهيءَ فلاسافي تي ايترو ته ڪم ڪيو، جو جماليات هڪ تحريڪ ٿي ايري. آسڪر وائلڊ، جمالياتي تحريڪ ۾ هڪ نمايان شخصيت آهي.

هن پنهنجي هڪ مضمون ۾ دليل ڏنو ته، "فن کي اخلاقي يا درسي مقصدن جي تابع نه هجڻ گهرجي پر ان جي بدران صرف پنهنجي حسن ۽ جمالياتي خوشيءَ لاءِ موجود هجڻ گهرجي."(2) جماليات شاعريءَ جو سڀ کان وڌيڪ اهم اصطلاح آهي، جنهن جو ڇڻو مفهوم حسن ۽ خوبصورتي آهي. فلسفي جي ڏاهن ۽ عالمن جا ان بابت مختلف رايا ملن ٿا، پر ايا تائين لفظ 'جماليات' جي حقيقي تشريح ٿي ناهي سگهي. قديم يوناني فليسوف ۽ خيال پسند افلاطون جماليات کي روحاني خوشي چئي ٿو. حقيقت پسند ارسطو جماليات کي نيڪي ۽ ان نيڪيءَ مان ملندڙ خوشي ڪوٺي ٿو. آگٽائين وري توازن و تناسب ۾ رنگن جي عنصرن کي شامل ڪري جماليات کي بيان ڪيو آهي. جڏهن ته رينلڊ حسن جي سچاڻپ جي لاءِ فطرت جي فني تحقيق کي لازمي قرار ڏنو آهي. ڪينٽس صداقت کي حسن (جماليات) چئي ٿو. ڪروشي وري مڪمل اظهار جي آزاديءَ کي جماليات چيو آهي. وائٽ هيڊ جماليات جي تشريح بيان ڪندي چوي ٿو ته، مشاهدي جي دوران مختلف عنصرن جي باهمي ۽ موزون ترتيب کي جماليات چئبو آهي.

مٿي ماهرن جي ڏنل مختلف خيالن کي سمجهي اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته، ڪنهن به فن پاري جو اهڙو تاثر جيڪو ان جي ڏسڻ، ٻڌڻ، پڙهڻ، سمجهڻ يا محسوس ڪرڻ کان پوءِ انسان جي روح ۾ خوشي جو احساس پيدا ڪري، ان کي جماليات ڪوٺي سگهجي ٿو. يونان جي قديم ڏاهن کان وٺي، اڄ جي جديد ڏاهن تائين جماليات تي ڪيترائي تبصرا، تجزيا، بحث، تنقيدون ۽ تشريحون ڪيون آهن. جن سان جماليات کي سمجهڻ لاءِ جيترويون سولايون پيدا ٿيون آهن، اوتريون ئي ڏکايون ۽ مونجهارا پڻ پيدا ٿيا آهن. ڪجهه ڏاهن جو خيال آهي ته فن جڏهن ڪوبه وسيلو اختيار ڪري، پنهنجي منزل تي رسي ٿو، ته ان جي منزل هميشه جماليات هوندي آهي. سونهن جي بنيادي قدرن ۾ جلال، جمال، رنگ ۽ نور پڻ شامل آهن. فطري جماليات ۾ صبح جي ٽڏڙي هير ۽ ان ۾ گلن جي ڪچي ٻور جي پنل خوشبو، اپ جي هنج ۾ تارن جو ٻي جوڙ قطارون، ڪنوڙ جا چمڪات، آبشارن مان پاڻيءَ جون لارون شامل آهن.

جمالياتي قدرن ۾ لطيف فنن جي وڏي فهرست شامل آهي، جنهن ۾ شاعري، نرتڪ، موسيقي، سنگتراشي، مصوري وغيره شامل آهن. يعني جماليات کي اڻ سڌيءَ طور تي سونهن ۽ ذوق جو فلسفياڻو اپياس بہ چئي سگهجي ٿو. جماليات صرف سونهن ۽ حسن جو فلسفو ناهي، بلڪ جماليات جو دائرو تمام وسيع آهي. جنهن ۾ زندگيءَ سان سلهاڙيل ڪيترائي شعبا اچي وڃن ٿا. انسائيڪلوپيڊيا آمريڪانا جماليات جي هيءَ تشريح هن ريت ڪئي آهي تہ:

"Aesthetics, esthetics, has traditionally been conceived of as the branch of philosophy concerned with beauty and the beautiful in nature and art." (3)

جماليات فلسفي جي اها شاخ آهي، جنهن جو واسطو خوبصورتي، فطرت ۽ فن جي سونهن سان آهي. جماليات ادبي ۽ فني تحريڪ طور 19 صدي ڏاري انگلنڊ ۽ فرانس ۾ وڏي عروج تي هئي. هن تحريڪ جو مقصد هو، تہ سونهن جو اهڙو احساس آهي، جيڪو سماجي، سياسي ۽ اخلاقي پابندين کان آجو هجي. جماليات هڪ اهڙو نظريو آهي، جنهن تحت حسن کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. نيڪي ۽ حقيقت کي حسن جي نگاهہ سان ئي سڃاتو وڃي ٿو. اردو لغت ۾ جماليات جي وصف هن ريت آهي "اهو علم جنهن ۾ حسين شين کي سڃاڻڻ جي اصول ۽ انداز سان بحث ٿيندو آهي. حسن شناسي، فنون لطيفہ جو علم آهي."(۴)

حُسن هڪ وسيع موضوع آهي ۽ تاريخ جي ڪيترن ئي ڏاهن جي سوچ جو سبب رهيو آهي. حسن ڇا آهي؟ جواب ۾ ڪي عالم، اديب، ۽ ڏاها چون ٿا تہ ڪائنات جي هر شي حسين آهي، خوبصورت آهي، پر جيڪڏهن ايئن آهي تہ پوءِ اسان کي هر شي ڇو پسند نٿي اچي؟ ڇو اسان خوبصورت جو ضد بدصورت لفظ تخليق ڪيو؟ ڪن ڏاهن وري چيو تہ خوبصورتي ڏسڻ واري جي اک ۾ هوندي آهي. اتي واري سوال پيدا ٿئي ٿو، تہ جيڪڏهن ڏسڻ واري جي نظر ۾ خوبصورتي آهي، تہ پوءِ ڪيس هر شئي خوبصورت ڇو نٿي لڳي.؟ مشهور انگريزي شاعر جان ڪيٽس، جيڪو هڪ رومانوي شاعر آهي ۽ پنهنجي حساس ۽ جمالياتي انداز جي ڪري مشهور آهي. ڪيٽس پنهنجي نظم "اوڊ ٽو اي گريشين يورن" ۾ فن جي ابدي حسن کي ساراهيو آهي، اهو مشورو ڏئي ٿو تہ فن جي غير تبديل ٿيندڙ فطرت ان کي انساني زندگي جي خرابين ۽ منتقلي کي ختم ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿي. هڪ ٻيو مفڪر ۽ جڳ مشهور فلسفي

اسپنوزا جو خيال هو تہ سُونهن جي بنيادي تشريح هيءَ آهي تہ. "سُونهن خدا تائين پهچڻ جي هڪ حقيقت آهي."(۵)

جماليات شاعريءَ جو بنيادي جُزن مان هڪ آهي، ۽ دنيا جي ڪيترن ئي شاعرن تي اثر انداز رهيو آهي، جن مان سنڌي ٻوليءَ جو ڪلاسيڪي شاعر حمل فقير لغاري بہ هڪ آهي. جيئن تہ حمل فقير جي جمالياتي فن جا سوين پهلو آهن، انهن مان هڪ پهلو هيءَ بہ آهي تہ حمل وٽ ٻوليءَ جي خوبصورتي بہ آهي. هڪ آرٽسٽ جي حيثيت سان هو پنهنجي شاعريءَ ۾ فني قدرن جا تجربا ڪري ٿو ۽ ساڳئي وقت ٻوليءَ جو حسن بہ پيش ڪري ٿو. سندس ٻوليءَ جي سُونهن سندس جمالياتي اظهار ۾ وڌيڪ نکار آڻي ٿي.

"حمل فقير پنهنجي اصل ڳوٺ مير خان لغاري(خيرپور رياست) ۾ تقريبن سن ۱۲۲۵ھ/ ۱۸۰۹ع ڏاري ڄائو."(۶) حمل فقير وارا پاڻ ۾ پنج پائر هئا، جن مان حمل سيني کان ننڍو هو. سندس والد جو نالو رحيم خان هو. حمل نهڻائيءَ سان پنهنجو نالو "حمل فقير" لکيو آهي. پاڻ ذات جو لغاري بلوچ هو. سندس پاڙو بهلواڻي ۽ قبيلو سيرڪاڻي هو. "حمل فقير جي ارادين ۽ عقيدت لنواريءَ وارن بزرگن سان هئي، جڏهن تہ پير صاحب پاڳارن ڏانهن بہ دلي حب رکندو هو."(۷) حمل فقير جي ڪٽنب جا رستم خان سان چگا تعلقات رهيا، جنهن جي ڪري نواب صاحب ڪيس بالڪپڻ کان ئي پاڻ سان گڏ رهايو ۽ اتي ئي سندس تعليم ۽ تربيت ٿي. سندس علمي قابليت جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ پاڻ چگي خاصي تعليم حاصل ڪئي هئائون ۽ ان کان پوء پاڻ لاءِ هڪ استاد جي حيثيت ۾ تعليم ڏيڻ جو مشغلو اختيار ڪيائين. خيرپور رياست جڏڻ کانپوء ڳوٺ مير خان لغاري تعلقي سڪرنڊ ۾ اچي آباد ٿيو ۽ تعليم جو مرڪز قائم ڪيائين. حمل هڪ ذهين، سنجيده، ۽ صالح شخص هو. ڪچهريءَ جو ڪوڏيو هو. حاضر جوابي سندس فطرت ۾ شامل هئي. پاڻ سير سفر جو گهڻو شوقين هو. سنڌ جي مشهور حڪيمن سان ملي علم طب جا ڪيترائي نسخا قلمبند ڪيائين. فارسي شاعريءَ جو بہ چگو خاصو اپياس ڪيائين. پاڻ پنهنجي دؤر ۾ برڪ شاعر هو. نہ صرف سنڌيءَ ۾ پر فارسي ۽ سرائيڪيءَ ۾ بہ سندس شاعري ملي ٿي. حمل فقير پنهنجي آخري زندگيءَ ۾ بيماري سبب وفات ڪئي. سندس فرزند ميان محمد رحيم پنهنجي والد جي وفات "چنجر رات، تاريخ ۲ صفر ۱۲۹۶ھ قلمبند ڪئي آهي."(۸) حمل

نندي هوندي کان ئي هڪ ذهين چوڪرو هو. هو پنهنجي والد کان متاثر ٿي شاعري ڏانهن مائل ٿيو. سندس شاعري ۾ هر اها خوبي آهي، جيڪا هڪ ڪلاسيڪي شاعر جي شاعريءَ ۾ هئڻ گهرجي. حمل پنهنجي فن جي هڪ نئين پهلوءَ ڏانهن پڻ راغب ٿيندو نظر اچي ٿو، جيڪو پهلو سڌو سنئون سندس جمالياتي ذوق جو آئينو آهي. هن پهلوءَ جي مطابق حمل فقير سُونهن جي ردعمل ۾ انساني احساسن جي انقلابن جي ڳالهه ڪري ٿو. حمل سُونهن جا تخليقي تجربا ڪري ٿو، ۽ فني سطح تي سُونهن جي ڪيترن ئي رنگن پرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سندس شاعريءَ تي پڻ جماليات جو اثر آهي. پاڻ فطرت ۽ حسن مان مائل ٿو لڳي. حسن کي پرکڻ جي لاءِ سندس نظر ڪيس سيني شاعرن کان منفرد بڻائي ٿي. جئين چوي ٿو تہ:

"سيءُ، سيارو، سڙڪِٽي، ٻيو پَوَن ٿا پارا،
سَرتيون! سَڏ ميهار جا پون ٿا پارا،
ڏمر ڏيهاڙيون ڏک ڏئي پاريچن پارا،
پُرزا ڪئي پارا، حمل! حُبّ ميهار جي." ص: ۱۵۶

ڪائنات جي اَندر سموريون بهارون سُونهن جي ڪري ئي آهن، اُنهيءَ ڪري حمل فقير سُونهن کانسواءِ هلڻ کي اجايو سمجهي ٿو. حمل فقير وٽ فطري جماليات جو ڪيڏو قدر آهي. سندس هن بيت ۾ سياري ۽ سڪ جي جيڪا منظرنگاري ٿيل آهي ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ حمل جماليات جو قدردان آهي. هڪ سيارو ۽ ٻيو پارو پيو پئي پر سهڻي جي لاءِ ميهار جا سڌ سپ کان وڌيڪ اهم آهن، جيڪي هن کي سک ڪرڻ نٿا ڏين. سهڻيءَ جي نظر ۾ ميهار جون يادون سپ کان وڌيڪ حسين آهن. سهڻي جي لاءِ ميهار ڪُل حسن آهي. هڪ فنڪار جيتري قدر وسيع "تخليقي ڪئنواس" رکندڙ هوندو اوترو ئي نظرين، فڪرن ۽ فلسفن ۾ فڪري آزاديءَ جو اظهار ڪندو. پر دنيا جي جينس ڏاهن ۽ فنڪارن جي نقطئ نظر ۾ ڪيترين ئي هم آهنگيون هُونديون آهن، اُنهيءَ ڪري حمل فقير ٻہ سُونهن جي خارجيت کي ڏڪاري نٿو، پر فطرت جي فطري توازن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پَلٽي تخليقي جماليات تخليق ڪري ٿو. سهڻي جي لاءِ ميهار حسن جو مرڪز آهي. سندس زندگيءَ ۾ سواءِ ميهار جي ڪا بہ خوبصورتي ناهي. سندس نظر ۾ ميهار حاصل آهي باقي سپ ڪجهہ لاحاصل آهي. جئين هن بيت ۾ واضع آهي تہ:

"ساهڙ ڪئون سِڪ جي ڪا پيتائين پُڙي
ڇڏي هوش حمل چئي، لَهرن منجهہ لُڙهي
ڏئي سِر سُرهي ٿي، سا مَرندي ڪين مُڙي
ڏُهي ڏُڏ ڦُري، ڪا ميهر ڏنس موت جي." ص: ۱۵۸

حمل وٽ جيڪا خوبصورتي آهي، اها ئي سڪ آهي. سهڻي ايتري تہ عشق ۾ ديواني هئي جو هن لهرن جي پرواهہ نہ ڪئي. حمل جي هن بيت ۾ سڪ ۽ موت حسن آهي. جماليات ۽ حسن کي پرکڻ جي هر ڪنهن جي پنهنجي نظر ۽ پئمانا آهن، تنهن ڪري سهڻي وٽ زندگيءَ کان وڌيڪ موت حسين ۽ خوبصورت هو. موت ئي اصل زندگي آهي. جڏهن ڪنهن شئي جو موت ٿئي ٿو تہ غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ ڪنهن ٻيءَ شئي کي زندگي ملي رهي آهي. حُسن جو اهو ڪهڙو فطري جوهر آهي، جيڪو ماڻهوءَ کي دنيا جي شديد ذهني ۽ سماجي دٻاءَ کان پناهہ فراهم ڪري ٿو؟ ڇا سُونهن هڪ ابدي حقيقت آهي؟ ڇا سُونهن محض "مادي وجود" قائم ڪري ٿي؟ ۽ سُونهن جا سپ لقاءَ خارجي آهن؟ يا سُونهن هڪ اندروني قدر بہ آهي؟ اِهي سپ فلسفي جا سوال آهن، جن جون سرحدون فلسفين ڇُهيون آهن. ٻئي طرف ''اثريت پسندن'' جي نظرئي مطابق سُونهن هڪ معروضي حقيقت يا ٻاهرين حقيقت آهي، جيڪا عشق ۽ محبت جا احساساتي بنياد جوڙي ٿي ۽ جڏهن فطرت توازن ۾ هُجي ٿي، تڏهن اها سُونهن بڻجي وڃي ٿي. هنن ڏاهن جيڪو وڏو ڪمال ڪيو آهي، سو هيءَ آهي تہ اُهي سُونهن کي موزونيت سان جوڙين ٿا. جئين ڪاڪ جڏهن سڙي ٿو تہ اهو ان جو موت آهي پر غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ ڪاڪ جي سڙڻ سان ئي باهہ وجود ۾ آئي ۽ ڪيس زندگي ملي.

"آءُ ميان سارنگ! آءُ، عالم تُنهنجي آسري
اتر اوير ڏنَهہ، ڪو واءُ سَڌائو واء
ڏيئي هونگَ، حمل چئي، موتي مُلڪ وساء
تان برٿر جاءِ بجاءُ، عالم آسُودو ٿئي." ص: ۱۶۲

حمل جي نظر ۾ جماليات جي وصف ايجا بہ وسيع آهي. هڪ عظيم تخليقڪار جي حيثيت ۾ حمل فقير وٽ سُونهن جا منفرد جلوه آهن، جيڪي سندس فني ڪمال واضح ڪن ٿا. حمل فقير جو 'حس ادراڪ' اهڙو تہ لطيف آهي، جو هو هڪ

ڪامياب تخليقڪار جيان حسن جا ڪئين پرداکوليندو ٿو وڃي. هُو حسن جي رنگينين ۾ جمالياتي ادب جا رنگ ڀَري ٿو. جڏهن مينهن اچي ملهارون ڪندو ته جهر جهنگ سائو ٿي ويندو، وڻ ٽڻ جهومڻ ۾ نچڻ لڳندا، ساوا گاهه ڦٽندا، مارو متارا ٽيندا، منجهاريل چهرن تي مرڪون ايندیون. سڄي عالم ۾ خوشي جي لهر اچي ويندي. ڏرتي ۾ آسمان جو ميلاپ ٿيندو. حمل فقير جي شاعريءَ ۾ جيڪي جمالياتي قدر آهن، سي سڀ سندس فڪر نظر جا جلوه آهن. هڪ تخليقڪار جي حيثيت ۾ حمل فقير حُسن جي ترتيب ۽ تنظيم ۾ ڪري ٿو، اُها ئي حمل فقير جي جمالياتي ادب ۾ منفرد يا انفرادي خصوصيت آهي، جيڪا ڪيس دنيا جي ٻين فنڪارن کان مٿانهون مرتبو عطا ڪري ٿي. ايئن ٿو لڳي، جڻ جماليات جو سڄو فلسفو هن هڪ بيت ۾ سمايل آهي.

"ڪانگل چئج! قريب کي جئن عرض چوان آئون
هينڙو تو حبيب ري، آهه گانئون ۽ مانئون." ص: ۱۶۵

جيستائين سُونهن جي بنيادي فلسفي جي سائنسي تصورن جو چيد نٿو ڪيو وڃي، تيستائين ادب ۾ جماليات جي فني ۽ فڪري رجحان تائين ۽ رسائي حاصل ڪري نٿي سگهجي. ڪن ڏاهن اُهو سوال ور ور اُٿاريو آهي ته سُونهن ڇا آهي يا حسن جي ڪهڙي وصف مطمئن ڪندڙ آهي؟ اُها حسن جي ئي سگهه آهي، جيڪا ڪائنات جي سڀ کان اعليٰ مظهر محبت جو بنياد آهي ۽ محبت جي اثري ڪيفيت اِهڙي هُجي ٿي، جيڪا ماڻهوءَ جي اندر ۾ ڪيترين ئي تبديلين جو اُهجاڻ ٻڌجي وڃي ٿي. فرد محبت جي شديد ڪيفيت کان متاثر ٿي، حسن جي 'فطري جوهر' يا رُوح ڏانهن وڌڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. محبت جي سگهه فرد کي سُونهن تي سوچڻ لاءِ مجبور ڪري وڻي ٿي. هن ڏس ۾ اثراتي نظريي جي نقادن جو خيال آهي ته سُونهن حقيقت ۾ خارجي موزونيت آهي، جيڪا فرد جي لاشعور تي جيڪو اثر قائم ڪري ٿي، اُهو فرد جي ذات ۾ روشن ۽ مثبت تبديلين جو پيش خيمو ثابت ٿئي ٿو. سُونهن جي اها هڪ اعتدال پسند وصف آهي، جنهن کي اولهه جا ملڪ مجين ٿا ۽ ننڍي کنڊ جي روايتي سماج جي اندر ۾ اُن کي قبول ڪرڻ ۾ ڪا هڪ محسوس نٿي ڪئي وڃي. هونئن ۾ اُها حقيقت آهي، ته فنڪار پنهنجي تخليق جو اُتساهه خارجيت مان حاصل ڪري ٿو، تڏهن ئي سندس داخلي ڪيفيت ۾ انقلابي تبديلي اچي ٿي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته خوشي ۽ غم جو خام مال خارجيت ۾ پوشيده هُجي ٿو. حمل فقير جي جماليات ۾ ۾ اُهي فلسفياڻا

نقطا اُپري نروار ٿين ٿا، جيئن فطرت جي خارجيت کي حمل اُتساهه جو وسيلو سمجهي، خارجي منظرن مان ڪجهه هن طرح جماليات جو تجربو پسائي ٿو. حمل لاءِ سندس محبوب ڪُل حسن آهي. ان کان علاوه ڪيس ڪوبه سُک چين ناهي. سندس نظر ۾ سندس محبوب سڄي ڪائينات کان وڌيڪ سهڻو آهي. هن جي حسن جو مقابلو ڪوبه ڪري نه سگهندو.

"سِڪَندي ٽيڙم سالَ، تو سِڪّ نه لاتي سُپَرين
اَئٽي پَهرَ اَندر ۾ آ تنهنجي سِڪّ سَنياڻَ
اچين هُوند حمل چئي، ڪَري پَلائي پاڻَ
ته مُلڪ مَڏيون سڀ مال، سرسوڏو صدقي ڪريان." ص: ۱۶۴

مٿئين بيت ۾ حمل جي وسيع نظر کي ايا ويجهڙائي کان پرکي سگهجي ٿو. فقير جي لاءِ دنيا جي ڪا به شي اهم ناهي سواءِ سندس محبوب جي، جيڪو سندس نظر ۾ جماليات جو امام آهي ۽ سڀ حسن آهي. ان کانسواءِ ڪجهه به حسين ناهي. هن جي هجڻ سان ئي هي دنيا خوبصورت آهي. ان کانسواء هتي ڪجهه به ناهي. حمل فقير جي نظر ۾ خوبصورتي جو تعلق دل سان آهي. مال ۽ دولت سان نه ، جيڪڏهن دل کي پسند اچي وئي ته اها شي دنيا جو ڪل حسن آهي. هن بيت ۾ اندر جو، داخلي حُسن ڪيئن نه پيار ڪندڙ ماڻهوءَ کي موهي ٿو وڃي! اُولهه جا ڪيترا فلسفي ۽ شاعرَ پنهنجي تخليق جي فن ۾ هڪ پاسائتا آهن، هنن وٽ فلسفو به هڪ هَٿيءَ جو شڪار آهي، جنهن ڪري سندن فني صلاحيتون هڪ ئي فن جي سرچشمي مان سيراب ٿين ٿيون، پر حمل فقير جي عظمت اُها آهي ته هو هڪ بهترين آرٽسٽ جيان ڪنهن به مدي خارج فلسفي يا تنگ فڪر جي تنگ پيچرن ۾ محدود نٿو ٿئي. هُو فلسفي ۾ به انتهائي جامعيت جو حامي آهي. حمل ڪنهن به تخليقي زاويي کان محروم نظر ڪونه ٿو اچي. هُو فطرت جي جماليات سان ڏرتيءَ جي خوشحاليءَ جون اميدون وابسته ڪري ٿو ۽ جماليات جي اندر ڏرتيءَ سان هڪ سگهارو تعلق پڻ واضح ڪري ٿو.

" سِڪّ مڙيئي سُور، سُورَ پي سِرجيا سِڪ موَن
صبر سِڪّ وِجائيو، مات نه اچي مُور
دانهون دَرد فِراق منهنجي جُون ڏيهَ ٻُجهن ٽيون ڏور
حمل! هي ڪَلوُر، جو ساجن سُٽي ئي ڪينکي." ص: ۱۶۵

شاھ لطيف ۽ ٻين ڪيترن ئي صوفين وانگر حمل وٽ درد ۽ تڪليف بہ حسن آھي. محبوب جي طرفان مليل ڏک غم حمل جي لاءِ حسين ۽ خوبصورت آھن. ڏک ۽ تڪليفون ئي سکن ۽ خوشين جي قدر ٻڌائيندیون آھن. لطيف سائينءَ جھڙي شاعر جي شاعريءَ ۾ بہ سکن کي ڏکن جي مٿان گھور ڪرڻ وارو فلسفو آھي. حمل فقير جي شاعري ۾ بہ ڏکن ۽ سورن کي خاص اھميت حاصل آھي. ڏک ۽ درد تہ زندگي جي اصل خوبصورتي آھن. پنھنجي پرينءَ جي سڪ ۾ تڙپڻ ۽ بي چين ٿيڻ جو مزو ئي پنھنجو آھي. انسان جي اندر جي ڏور سپرين سان سڪ جي تند سان ڳنڍيل آھي. اھي ڏک ۽ سور ايجان بہ وڌيڪ تڏھن خوبصورت ٿي ويندا آھن، جڏھن اسان جو محبوب اسان جون دانھون ٻڌي داد ڪري. شاعريءَ جي خاصيتن مان ھڪ اھم خاصيت اِھا بہ آھي تہ اُن ۾ رومانيت جا رنگ مڙئي ڪجھ وڌيڪ نرالا لڳندا آھن. اِھا ساڳي رومانيت انساني مزاج جو حصو پڻ آھي. انسان پيار، محبت ۽ رشتن ناتن کانسواءِ رھي نہ ٿو سگھي. ڪيس سندس اڪيلو وجود کائڻ لڳندو ۽ ھُو پنھنجي بقا خاطر ڪٽي نہ ڪٽي ڪنھن نہ ڪنھن سانوري يا سھڻي پورين اکين واري الھڙ جواني جي عشق ۾ مبتلا ضرور ٿيندو آھي. پيار جي پيچ پائڻ کانپوءِ ھڪ ٻئي جي سار سنيال يا پيار ۾ ڪا ڪوتاھي رھجي ويندي آھي تہ ماڻھوءَ اُنھي ميار کي شاعريءَ جي روپ ۾ آساني سان سمائي پنھنجي دل جو بار ھلڪو ڪندو آھي.

تو ريءَ چڱي نہ ٿيان، توڙي ھوَن طبيب ھزار
تُنھنجو نَظَرُ نصيب ٿئي، ھيئيءَ کي ھِيڪار
تان اندر مون آزار، اَجُھين اُٿي وڃي. (ص: ۱۷۸)

ھن ڪائنات جو ذرو ذرو حسين آھي. ذري ذري ۾ خوبصورتي آھي. ھر شخص کي فطرت جا رنگ ۽ نظارا خوبصورت لڳندا آھن. پر حمل جمالیات ۽ خوبصورتي کي الڳ اک سان ڏٺو آھي. حمل لاءِ سڀ حسن سپرين جي ھڪ نظر آھي، جيڪا بيمارن جي لاءِ شفاء ۽ مُردن لاءِ آبِ حيات آھي. جڏھن اھا نظر پوي ٿي تہ حمل جا سڀ آزار ختم ٿيو وڃن. اھا حمل جي خيالن جي جمالیات آھي، جيڪا لفظن جي صورت ۾ اسان کي نظر اچي ٿي.

جڏھانکر جاني، مُونکي مُنھن ڏِيکاريو
وَري وِسري ڪينکي، اھا پِرين پيشاني

پَسي موت حمل چئي، ٿِي ھِنئڙي حيراني
اھا نقش نيشاني، رَھي آھي روح ۾. (ص: ۱۷۹)

جمالیات جو فلسفو بہ ڪيترو نہ سوچ ۾ وجھندڙ آھي. ڪائنات جي ھرشئي حسين آھي پر ھر ڪنھن جي لاءِ نہ ڪيڏي نہ عجيب ڳالھ آھي، ھڪ راندیڪو ڪنھن ٻار جي خواھش ھوندو آھي، تہ وري اھو ئي راندیڪو ڪو ٻار نفرت مان ڀڄي پور ڪندو آھي. ايئن ئي ھر صورت حسين ھوندي آھي، پر ھر ڪنھن جي لاءِ نہ. اھا صورت جنھن لاءِ بہ حسين ھجي ٿي. ان لاءِ ان صورت کان وڌيڪ خوبصورت ڪابہ ناھي ھوندي. ڪيس اٿندي، ويھندي بس اھا ئي صورت ياد ھوندي آھي، ڇوتہ ان جي لاءِ اھا صورت ڪل حسن آھي. حسن ۽ جمال کي ماپڻ ۽ تورڻ جي لاءِ ڪوبہ سائنسي اوزار ناھي جو ان بابت ڏسي اھو ٻڌائي سگھجي تہ جيڪڏھن ڪا شي يا صورت خوبصورت آھي تہ ڪيتري؟ حسن و جمال کي صرف عقل جي پيماني ۾ ماپي سگھجي ٿو.

" ڪانگو ڪَرّ مٿي ڪيون، ٿو لَوي منجھ لَوي
لغاري ڇئي، لات ڪيوُن، ٿو چڱيءَ يَتِ چوي
ٿيو خوش آوي، آيا کي آيا پِرين." ص: ۱۷۱

حمل کي حسن جي سڌ آھي. ھن جي لاءِ اھا گھڙي خوشي جي آھي، جڏھن ھو حسن کي ڏسي ٿو. خوبصورتي انسان کي خوشي بخشيندي آھي. حمل وٽ ھر شي حسين آھي. ھن پنھنجي شاعريءَ ۾ ڪانگ کي پنھنجو قاصد بڻايو آھي ۽ ان سان قرب جون ڪچھريون ڪندو آھي ۽ پنھنجي سپرين کي نياپا ٿو موڪلي. ڪانگ ھڪ اھڙو پکي آھي، جنھن ۾ ظاھري ڪا بہ خوبصورتي ناھي پر حمل جي نظر ۾ ڪانگ کي وڏي اھميت حاصل آھي.اھا ئي جمالیات جي تقاضا آھي تہ شين کي خارجي نہ بلڪ داخلي ڪيفيتن سان پرکجي.

" چشمن جان چشمانَ تنھنجون، اکيون آبِ حيات
جن سو پيتو پاڪ رھيا، سي سختيءَ کئون سَکرات
موتي مرندا کين اُھي، سي ھوَن ھَميش حيات
حمل ھِڙي ذَات، ڪِن نيڪن نيڪ نصيب ٿئي." ص: ۱۷۲

اي منھنجا پرين تنھجون اکيون آبِ حيات آھن. ھڪ دفعو جنھن بہ ان نگاھن

۾ ڏنو اهو هميشه هميش جي لاءِ امر ٿي ويندو. حمل جي شاعري ۾ خوبصورتي جو مرڪز اکيون آهن. ڪيترن ئي شاعرن جي شاعري ۾ اکين جو اهم ڪردار هوندو آهي پر حمل جي شاعريءَ ۾ جماليات ئي اکيون آهن. حمل وٽ اکيون آبِ حيات آهن ۽ ڪُل حسن آهن.

نتيجو:

سونهن ڪائنات جو عظيم مظهر رهي آهي. جماليات صرف سونهن ۽ حسن جو فلسفو ناهي، بلڪ جماليات جو واسطو خوبصورتي، فطرت ۽ فن جي سونهن سان آهي. جماليات جو تعلق حسن جي ادراڪ، جمالياتي شعور ۽ تجزئي سان آهي. جماليات، فلسفي جي دائري ۾، هڪ تصور آهي، جيڪو حسن ۽ حسي تجربي جي موروثي قدر کي بلند ڪري ٿو ۽ ان خيال ۾ جڙيل آهي ته فن، فطرت ۽ زندگيءَ کي انهن جي جمالياتي خوبين لاءِ ساراهيو وڃي، جماليات حسي لذت جي جستجو تي زور ڏئي ٿو ۽ حسن جي قدر کي انساني وجود جو بنيادي پهلو قرار ڏئي ٿو. هي فلسفيانہ موقف ماڻهن جي همٿائي ٿو ۽ انهن تجربن ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جيڪي گهرا جمالياتي احساس پيدا ڪن ٿا. جمالياتي لذت جي جستجو انساني حالتن جي پيچيدگين ۽ حقيقت جي گهڻ رخي فطرت جي تمام گهٽي ڇاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ رستو ٻڌجي ٿي. جماليات متعلق پيش ڪيل خيالن کي سامهون رکندي، اسان جڏهن حمل فقير جي ڪلام جو اڀياس ڪيون ٿا ته، پروڙ پوي ٿي ته، حمل فطرت پسند شخص ٿي گذريو آهي، پاڻ شخصي طور فطرت ۽ حسن طرف مائل هو. سندس شاعريءَ ۾ جماليات جو تذڪرو گوناگون ملي ٿو. سندس شاعري ۾ فطري جماليات جو قدر آهي. سندس نظر ۾ گل، وڻ ٽڻ ۽ پکي پڻ جماليات جا مظهر آهن. حمل سڪ مان بہ لذت ورتي آهي. پرينءَ جي ياد سندس لاءِ خوبصورتي آهي. حمل وٽ حسن کي پسڻ جي لاءِ جمالياتي نظر آهي، هن وٽ عشق حسن آهي. حمل جي نظر ۾ جماليات جو تعلق دل جي جذبن سان آهي.

حوالا

١. مهراڻي، شير، ڈاڪٽر، 'شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات'، ثقافت ڪاتو،

حڪومت سنڌ، ۲۰۱۳ع، ص:۲۴.

2. Wilde, Oscar, 'The Critic as Artist', McIlvaine & Co., London, (Essay, 1891)
3. The encyclopedia America: International edition: vol: 1 Grolier incorporated: 1833, page: 234.

4. اردو لغت (لغت کے اصول) جلد ششم، اردو لغت بورڈ، کراچی، 1984ع، ص:755۔

5. Spinoza, Benedict, De 'Ethics', Published posthumously in 1677.

٦. بلوچ، نبي بخش خان، ڈاڪٽر، 'ڪليات حمل'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ۱۹۸۲ع، ص: ۵.

٧. ساڳيو، ص: ۱۱.

٨. ساڳيو، ص: ۱۸.

٢. **نوٽ:** حمل فقير جا سمورا بيت، 'ڪليات حمل'، مرتب: ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ڇاپو چوٿون، ۱۹۸۲ع مان ورتا ويا آهن